

# سيٽي وڄائڻ جا احڪام

سنڌي

پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: سيتي وچائڻ جا احڪام

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1441هه، آڪٽوبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مكتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مكتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# سيٽي وڄائڻ جا احڪام

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ‌ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ‌ؕ

# سيٽي وڄائڻ جا احڪام

## دعاءِ عطار

يا رب ڪريم! جيڪو 16 صفحن جو رسالو ”سيٽي وڄائڻ جا احڪام“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي ديني مسئلن جي سمجهه عطا فرماءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (تاريخ ابن عساکر، ج. 61، ص. 381، رقم 7812، حديث 12661)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيٽي وڄائڻ جون مختلف صورتون ۽ ان جا احڪام

سوال: اسان اڪثر ڳالهين ڳالهين ۾ يا مذاق مسخري ۾ سيٽي وڄائيندا آهيون، هن حوالي سان اسان جي رهنمائي فرمايو.

جواب: سيٽي وڄائڻ جون مختلف صورتون آهن جيئن بعض اوقات ٽريفڪ جو نظام هلائڻ جي لاءِ پوليس وارا سيٽي وڄائيندا آهن يا اهڙي طرح جي بين ضرورتن جي لاءِ سيٽي وڄائي ويندي آهي تہ ضروت مطابق سيٽي وڄائڻ جائز آهي. (بهار شريعت، ج. 3، ش. 16 حصو 511 ماخوذًا) (هن موقعي تي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي پرسان

وينل مفتي صاحب فرمايو:) اهڙي طرح ڪارخانن ۾ اِهو اعلان ڪرڻ جي لاءِ سيٽي وڄائي ويندي آهي تہ موڪل جو وقت ٿي ويو آهي هن جي بہ اجازت آهي پر کيل تماشي جي طور تي سيٽي وڄائڻ جنهن کي عرفِ عام ۾ ٽرڙائپ چيو ويندو آهي ان جي اجازت ناهي. (بهار شريعت، ج. 3، ش. 510 حصو 16 ماخوذًا) (ان تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة فرمايو:) مهذب ماڻهو کيل تماشي جي طور تي سيٽي وڄائڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي ۽ نہ ئي ان کي سيٽي وڄائڻ ايندي آهي. سيٽي هٿ سان بہ وڄائي ويندي آهي ۽ اِهو صرف ماهر انسان ئي وڄائي سگهي ٿو عام انسان جو ڪم ناهي ۽ نہ ئي ان کي سيٽي وڄائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي جو بانهو گناہ جي ڪوشش ڇو ڪري؟ پلائي انهيءِ ۾ آهي تہ بانهو سيٽي وڄائڻ جي ڪوشش نہ ڪري ڇوتہ جيڪڏهن وڄندي تہ وڄائڻ جو شوق پيدا ٿيندو تہ جنهن کي نچڻ ايندو آهي ان کي نچڻ جو شوق بہ هوندو آهي ۽ جنهن کي نچڻ ناهي ايندو ان جي نچڻ کان جان ڇُٽي ويندي آهي. بهرحال سيٽي وڄائڻ جي متعلق بهارِ شريعت جلد3 صفحي 511 تي آهي: ”ماڻهن کي جاڳائڻ ۽ خبردار ڪرڻ جي اِرادي سان سيٽي وڄائڻ جائز آهي، جيئن حمام ۾ سيٽي انڪري وڄائي ويندي آهي تہ ماڻهن کي خبر پئي تہ حمام کُلي ويو. رمضان المبارڪ ۾ سحري کائڻ جي وقت ڪجھ شهرن ۾ نغارو وڄايو ويندو آهي، جنهن جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ماڻهو سحري کائڻ جي لاءِ جاڳن ۽ انهن کي خبر پئجي وڃي تہ اجان سحري جو وقت باقي آهي اِهو جائز آهي جو اها صورت کيل تماشي ۾ داخل ناهي.“ هڪ طرف ڏهل کي نغارو چوندا آهن مثلاً جيڪڏهن ڪنهن گلاس وغيره تي

www.dawateislami.net

هڪ طرف چمڙو چاڙهيو وڃي ته اهو نغارو چورائيندو ۽ جيڪڏهن ٻنهي طرف چمڙو هجي ته ڍُهل. هاڻي شايد ئي ڪاٿي نغارو وڄندو هجي ڇوته اليڪٽرونڪ سسٽم هرجڳهه پهچي چڪو آهي. بهرحال جيڪڏهن نغارو ميوزڪ واري انداز ۾ نه وڄايو وڃي ۽ هن جو مقصد صرف سحري جي لاءِ ماڻهن کي جاڳائڻ ۽ اها اطلاع ڏيڻ هجي ته سحري جو وقت ٿي ويو آهي يا سحري جو وقت اڃان باقي آهي ته نغارو وڄائڻ جائز آهي. انهيءَ طرح ڪارخانن ۾ ڪم شروع ۽ ختم ٿيڻ جي وقت سيٽي وڄائي ويندي آهي هي جائز آهي جو هن مان کيل تماشو مقصود ناهي هوندو بلڪ اطلاع ڏيڻ جي لاءِ اها سيٽي وڄائي ويندي آهي. ائين ئي ريل گاڏي جي سيٽي جو به مقصد اهوئي هوندو آهي ته ماڻهن کي معلوم ٿي وڃي ته هاڻي گاڏي هلڻ لڳي آهي يا انهيءَ قسم جي صحيح مقصد جي لاءِ سيٽي وڄائي ويندي آهي اهو به جائز آهي." (در مختار مع رد المحتار، ج. 9، ص. 578-579 ماخوذًا، بهار شريعت، ج. 3، ص. 511، حصو 16)

## ڪبوتر اڏائڻ جي لاءِ سيٽي وڄائڻ ڪيئن؟

سوال: شهرن ۾ گهڻن ۾ شام جي وقت ڪبوتر اڏايا ويندا آهن ته هن موقعي تي سيٽي وڄائڻ ڪيئن؟

جواب: جيڪڏهن پکي اڏائڻ جي لاءِ سيٽي انڪري وڄائيندا آهن جو پکي فصل کي خراب ڪندا آهن ته اها به هڪ ضرورت آهي تنهنڪري اها به هڪ جائز صورت جي حڪم ۾ آهي. رهي ڳالهه ڪبوتر اڏائڻ جي لاءِ سيٽي وڄائڻ جي ته اهي ڪبوتر اڏائيندا ناهن بلڪ انهن کي ستائيندا آهن. ڪبوتر اڏائڻ وارا ڪبوترن کي لهڻ ناهن ڏيندا، انهن کي ٿڪائيندا ۽ بکيو رکندا آهن ايستائين جو

ڪڏهن ڪڏهن ڪبوتر بُک کان بيحال ٿي هيٺ ڪِري پوندا آهن تہ پڪين کي ائين ستائڻ حرام آهي. "ڪبوتر پالڻ وارا باقاعده ڪبوترن کي اڏرڻ سيکاريندا آهن ۽ پوءِ هي ڪبوتر ٻين ڪبوترن کي پنهنجي ٽولي ۾ ڦاسائي آڻيندا آهن جن کي اهي ڪبوتر وارا پڪڙي وٺندا آهن حالانڪ ائين ڪنهن ٻي جي ڪبوتر تي قبضو ڪرڻ حرام آهي. (در مختار، ج. 8، ص. 229، ماخوذًا بهار شريعت، ج. 2، ص. 947، حصو 12) ياد رکو! جيڪڏهن توهان ڪبوتر کي چوري جي لاءِ استعمال ڪيو تہ توهان گناهگار ۽ جهنم جا حقدار ٿيندؤ. جڏهن ائين ڪبوتر اڏرائڻ گناه جو ڪم آهي تہ ان جي لاءِ سيٽي وڄائڻ بہ هڪ گناه جو ڪم هوندو لهٰذا هڪ گناه ويتر وڌي ويندو.[1]

## ڇا درسِ نظامي ڪرڻ عالم هئڻ جي لاءِ شرط آهي؟

سوال: ڇا درسِ نظامي ڪرڻ عالم هئڻ جي لاءِ شرط آهي؟[2]

جواب: درسِ نظامي ڪرڻ عالم هئڻ جي لاءِ نہ ئي شرط آهي نہ ئي ڪافي آهي، البت عالم بڻجڻ جو بهترين ذريعو ضرور آهي. جنهن

[1] (حديثِ پاڪ ۾ آهي: ٽي شيون جوا آهن: (1) شرطون هڻڻ (2) ننڍن ننڍن تيرن کي اڇلائي جوا کيڏڻ ۽ (3) سيٽيون وڄائي ڪبوتر اڏرائڻ. (ڪنزالعمال، ج. 8، ص. 94، حديث 40632) اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪبوتر پالڻ صرف دل وندرائڻ جي لاءِ هجي ۽ ڪنهن ناجائز امر ڏانهن وني وڃڻ وارو نہ هجي تہ جائز آهي ۽ جيڪڏهن گهرن جي ڇتن تي چڙهي اڏرائي ۽ مسلمانن جي عورتن تي نظر پئي يا ان کي اڏرڻ جي لاءِ پٿر اڇلائي جنهن سان ڪنهن جي گهر جو شيشو ٽٽي، ڪنهن جي اک نڪري يا پرايا ڪبوتر پڪڙي يا ان جي پرواز (اڏام وڌائڻ) ۽ تماشو ڏيکارڻ جي لاءِ سڄو ڏينهن بکيو اڏرائي، جڏهن لهڻ چاهين تہ لهڻ نہ ڏي تہ ائين پالڻ حرام آهي. (احڪام شريعت، ص 38)

[2] (هيءُ سوال شعبہ فيضانِ مدني مذاڪري طرفان ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جواب اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو عطا ڪيل ئي آهي. (شعبہ فيضان مدني مذاڪره)

درسِ نظامي جي سند حاصل ڪري ورتي هاڻي اِهو مڪمل عالم بہ بڻجي ويو هجي اِهو ضروري ناهي ڇوتہ 100 فيصد فرض علوم درسِ نظامي ۾ ناهن پڙهايا ويندا. پڻ هاڻي درسِ نظامي يعني عالم ڪورس سميٽجندو پيو وڃي حالانڪ هڪ دور اهو هو جنهن ۾ اهو ئي عالم ڪورس تقريباً 16 سالن ۾ ڪرايو ويندو هو، پوءِ گهٽ ٿيندي ٿيندي 10 سالن تي آيو ۽ پوءِ انن سالن تي پهتو جيڪو هڪ عرصي تائين هلندو رهيو پر هاڻي اسلامي ڀائرن جو ڇهن سالن ۽ اسلامي ڀينرن جو پنجن سالن جو ٿي چڪو آهي. ياد رکو! درسِ نظامي کي مجبوري طور گهٽايو ويو آهي ڇوتہ ايترن سالن جي لاءِ ماڻهو ايندا ئي ناهن. درسِ نظامي مان ڪيئي ڪتابون ڪڍيون ويون آهن ايستائين جو فارسي زبان جنهن کي درسِ نظامي جو لازمي حصو سمجهيو ويندو هو ان کي بہ ڪڍيو ويو آهي تہ ائين ڪيئي شيون ڪڍيون ويون آهن تہ جيئن ڪنهن بهاني ماڻهو درسِ نظامي ڪرڻ جي طرف راغب ٿين جو نہ ڪرڻ کان ڪرڻ ڪروڙين ڀيرا بهتر آهي.

## ايمان جي حفاظت جو طريقو

سوال: اڄ جي هن فتني واري دور ۾ ايمان جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟[1]

---

[1] (هيءُ سوال شعبہ فيضانِ مدني مذاڪري طرفان ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جواب اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو عطا ڪيل ئي آهي. **(شعبہ فيضان مدني مذاڪره)**

جواب: اڄڪلھ حالات انتھائي نازڪ ٿي چڪا آھن ۽ ايمان جي حفاظت واقعي ھڪ مشڪل ڪم آھي. اسان مسلمانن جي گھر ۾ پيدا تہ ٿي وياسين پر ھاڻي قبر ۾ بہ مؤمن ھئڻ جي حالت ۾ وينداسين، اھا پڪ ناھي. حديثِ پاڪ ۾ اھو مضمون موجود آھي تہ” ھڪ دور اھڙو ايندو جو ٻانھو صبح جو مؤمن ۽ شام جو ڪافر ھوندو ۽ شام جو مؤمن ۽ صبح جو ڪافر ھوندو. (مسلم، ص. 69، حديث 313) ايمان بچائڻ ايترو مشڪل ھوندو جو جيئن ٽِريءَ تي باھ جو ٽانڊو رکڻ (ابن ماجہ، ج. 4، ص. 365، حديث 4014 بتغير قليل) يعني جيئن ترِيءَ تي باھ جو ٽانڊو رکڻ مشڪل آھي ائين ئي ايمان بچائڻ بہ مشڪل آھي. اسان اِھو سمجھي وينا آھيون تہ اسان مسلمانن جي گھر ۾ پيدا ٿيا آھيون ۽ اسان جو نالو بہ مسلمانن وارو آھي تہ ھاڻي اسان جنھن جي چاھيون صحبت ۾ رھون، جنھن جو چاھيون ٻڌو ۽ اھڙي طرح جون بي وقوفيءَ واريون ڳالھيون ڪيون تہ” ٻڌو سيني جي ڪيون من جي“ حالانڪ جڏھن اسان کي پنھنجي حقيقي اسلام ۽ حقيقي عقيدي جي خبر ناھي تہ پوءِ ڪھڙي طرح ھرھڪ جي ٻڌي سگھون ٿا ۽ ھرھڪ جي صحبت اختيار ڪري سگھون ٿا؟

صرف ۽ صرف اُنھن عالم سڳورن جي صحبت ۾ رھو جيڪي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سچا عاشق ھجن ۽ جن جو عقيدو 100 فيصد درست ھجي يعني انھن جي عقيدي ۾ نہ ئي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام اھلبيتِ اطھار ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جي باري ۾ ڪا ڪمزوري ھجي ۽ نہ اھي ڪنھن صحابي جا ذري برابر گستاخ

هجن. پڻ جيڪو ڪنهن به صحابي جي معمولي توهين ڪندو هجي اهو اسان جي ڪنهن ڪم جو ناهي تنهنڪري ان کي پنهنجي ڏڪشنري مان ڪڍي ڇڏيو، ان جي صحبت اختيار ڪرڻ کان بچو ۽ ان جي ٻڌڻ ته پري جي ڳالھ آهي پر ان کي ڏسڻو به ناهي. منهنجون هيءُ ڳالهيون ايمان بچائڻ جو سامان آهن هاڻي جيڪڏهن توهان کي منهنجي ڳالهين تي ڪاوڙ به اچي ته سمجهي وٺو ته توهان پنهنجي ئي هٿان پنهنجي پيرن تي ڪهاڙي هڻي رهيا آهيو. ياد رهي! مان توهان جي ايمان جي حفاظت انڪري ڪيان ٿو ته مان دين جو ادنيٰ خادم آهيان نه ته مون کي ان سان ڪو پيسو ناهي ملندو. مون کي بُري خاتمي کان خوف ٿيندو آهي ۽ مان به پنهنجي ايمان جي سلامتي جي لاءِ فڪرمند آهيان ته خدا ڄاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ سيني کي بُري خاتمي کان ڊڄڻ گهرجي ۽ هن حوالي سان پاڻ به دعا ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کان به ڪرائڻ گهرجي. بهرحال جيڪڏهن توهان چڱي زندگي گذاريندؤ ۽ صرف عاشقانِ رسول جا ديني ڪتاب پڙهندؤ ته ان شاءالله خير ئي خير نصيب ٿيندو نه ته نيت تي سرچ ڪري يا هونئن ئي هيڏانهن هوڏانهن جو لٽرچر پڙهندؤ ته توهان کي خبر به ڪانه پوندي ۽ توهان جو ايمان برباد ٿي ويندو ڇوته ممڪن آهي ته ڪا غلط ڳالھ توهان جي ذهن ۾ ويهي رهي ۽ ايمان کي برباد ڪري ڇڏي.

عطار ہے ایماں کی حفاظت کا سوالی

خالی نہیں جائے گا یہ دربارِ نبی سے

(وسائل بخشش، 406)

## مدني مذاڪري جي دوران تسبيح پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: اجتماعي مدني مذاڪري ۾ بزرگ حضرات تسبيح پڙهندا رهندا آهن اسان انهن ڪي ڪيئن سمجهايون؟

جواب: جيڪي بزرگ حضرات ائين ڪندا آهن انهن کي مدني مذاڪرو جي سمجهه ۾ ڪونه پوندي هوندي ته ڇا ڳالهايو پيو وڃي؟ ظاهر آهي جيڪو مدني مذاڪري جي دوران تسبيح پڙهندو اهو ٻُڌي ۾ ڪونه سگهندو ائين غلط فهمي ٿي سگهي ٿي ان ۾ حلال کي حرام ۽ حرام کي حلال سمجهڻ جو تمام گهڻو خطرو آهي. پڻ بعض اوقات مدني مذاڪري ۾ ايمان و ڪفر جي متعلق ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن ان وقت ڪجهه پڙهڻ بدران ڌيان سان ٻڌڻ گهرجي. ڪجهه ماڻهو مدني مذاڪري جي دوران هڪٻئي کي اشارو ڪري چوندا آهن ٻڌو! ڇا ڳالهايو پيو وڃي؟ ته ائين ڪرڻ سان به غلط فهميون ٿي وينديون هونديون تنهنڪري اشاري کان به بچڻ گهرجي. ياد رکو! جيڪڏهن ڪو ايندو ويندو هجي ته ان کي به نه چيڙيو ۽ نه ئي ويهي رهو، ويهي رهو جا آواز ڏيون جو ڪڏهن ڪڏهن ائين ڪرڻ سان به غلط فهمي ٿي وڃي آهي.

## ڇا جنت ۾ عورتن کي ديدارِ الٰهي نصيب ٿيندو

سوال: ڇاعورتن کي به جنت ۾ الله پاڪ جو ديدار ٿيندو؟

جواب: بلڪل ٿيندو [1]

[1] (جنت جون نعمتون مرد و عورت ۾ مشترڪ آهن، محلات لباس، غذائون، خوشبو وغيره البت ديدارِ الٰهي ۾ اختلاف آهي ۽ صحيح اِهو آهي ته (ديدارِ الٰهي به مرد و عورت) ٻنهي کي ٿيندو. (فتاويٰ اهلسنت، سلسلـہ7، ص24)

## مڱڻي ۾ پنج مڻ مٺائي کڻي اچجو!

سوال: جيڪڏهن ڪنواريتا گهوٽيتن کي چون ته ” مڱڻي ۾ پنج مڻ مٺائي ڪٽي اچجو“ ۽ گهوٽيتن کي ايتري گنجائش نه هجي ته اهي ڇا ڪن؟ پڻ اهڙي طرح جي رسمن جي باري ۾ شريعت ڇا ٿي چوي؟

جواب: ڪٿي ڪٿي ائين آهي جيئن برادري ۾ خرچي جي ڪري ڇوڪريءَ جا مائٽ آزمائش ۾ اچي ويندا آهن ۽ ڪجھ برادرين ۾ ڇوڪري جا مائٽ آزمائش ۾ اچي ويندا آهن. بهرحال مٺائي نه ٿئي مڻ گهري وڃي ۽ نه ٿئي پنج ڪلو ڇوته ڏيڻ وارو انڪري ڏيندو آهي ته جيڪڏهن نه ڏني ته شادي نه ٿيندي يا هي ماٺهو اسان جي ڇوڪري يا ڇوڪريءَ کي تڪليف ڏيندا يا سامهون واري جي شر کان بچڻ مقصود هوندو آهي جو نه ڏيڻ جي صورت ۾ اهي اسان کي ڪنجوس چوندا، طرح طرح جو ڳالهيون ڪندا ۽ ڪوڙو سچ ملائي اسان جي خواري جو سبب بڻجندا. ياد رکو! ان جي ڪري مٺائي يا ڪا به ٻي شيءِ ڏيڻ رشوت چورائيندو. (فتاوٰي رضويه، ج. 16، ص. 257-258 ملخصًا) ۽ وٺڻ وارو گنهگار ٿيندو، ڏيڻ وارو ڇوته شر يا بُرائي کان بچڻ يا پنهنجي عزت جي حفاظت جي لاءِ ڏئي رهيو آهي انڪري ان تي گناهگار ٿيڻ جو حڪم جاري نه ٿيندو. (فتاوٰي رضويه، ج. 17، ص. 300 ماخوذًا)

## شادي مرادي جي تقريب ۾ دير جو سبب ۽ ان جو حل

سوال: شادي ڪارڊ تي ڪاڏي جو جيڪو وقت لکيل هوندو آهي ان وقت جي مطابق ڪاڏو ناهي ڪارايو ويندو ته ڇا اِهو وقت لکڻ ڪوڙ ۾ شمار ٿيندو؟

جواب: ماڻھو ئي نہ اچن تہ ڪاڏو ڪنهن کي ڪارائين؟ عام طور تي ماڻھو وقت تي ناهن ايندا جنهن جي ڪري ڪاڏي ۾ دير تي ويندي آهي. ماڻهن جو اهو ذهن بڻجي ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪارڊ تي 10 وڳي جو ٽائم لکيل آهي تہ ڪاڏو 11 وڳي کان پهريان شروع نہ ٿيندو لهٰذا اسان لکيل وقت جي مطابق ويندا سين تہ ڪافي دير تائين شادي هال ۾ ڦاٿل رهنداسين تہ ائين هاڻي ماڻهن جي دير سان اچڻ جي اهڙي عادت بڻجي وئي آهي جو جنهن جي اصلاح تمام مشڪل آهي. سماجي اداري وارا جيڪڏهن پنهنجي پنهنجي ڪميونٽي جي ماڻهن کي سمجهائن تہ ٿي سگهي ٿو هن جو ڪجھ حل نڪري اچي نہ تہ صرف قانون پاس ڪرڻ سان ڪجھ ناهي ٿيندو ڇوتہ قانون صرف لکت ۾ اچي ويندو ۽ پوءِ بعد ۾ پتو بہ نہ پوندو تہ قانون بڻيو بہ هو يا نہ؟ بلڪ قانون بڻائڻ وارا پاڻ بہ ان کي ويساري ويهندا. بهتر اِهو ئي آهي تہ هڪ مجلس ان ڪم جي لاءِ بڻائي وڃي ۽ اها اهي تمام معاملا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جيئن جيڪڏهن هن مهيني اسان جي برادري ۾ ٽي شاديون آهن تہ اها مجلس گهوٽ ۽ ڪنوار مان هرهڪ ڏُر وٽ وڃي ۽ انهن کي محبت کان سمجهائي هن ڳالھ تي راضي ڪري تہ گهوٽ هيٺري وڳي پهچي ويندو ڪنواريتا بہ مجلس کي چون تہ توهان فڪر نہ ڪيو اسان جو ڪاڏو گهوٽيتن جي اچڻ کان پهريان ئي هال ۾ موجود هوندو ۽ اسان ڪاڏي جو انتظار ڪونہ ڪرائينداسين. هن طرح جيڪڏهن سماجي ادارو اڳتي ايندو تہ ان کي ڏسي ٻيا سماجي اداري وارا بہ ائين ڪرڻ لڳندا ۽ ائين نظام ۾ ڪجھ نہ ڪجھ بهتري اچي ويندي. صرف ڳالهيون ۽ دير دير

تائين بحث و مباحثو ڪرڻ ۽ زبردستي جون همدرديون ڏيکارڻ سان ڪجھ نہ ٿيندو.

## ڇا غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مفتي بہ هئا

سوال: ڇا غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مفتي بہ هئا؟

جواب: غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه مجتهدِ مطلق يعني حقيقي مفتي هئا.[1] مجتهد ئي اصل مفتي هوندو آهي ۽ هاڻي جيڪي مفتي آهن اهي "مفتيانِ ناقل چورائيندا آهن يعني مجتهدين جيڪو ڪجھ بيان فرمايو ان مان ڪجھ مسئلا ڪڍي اسان کي فتويٰ ڏيندا آهن.

(علم و حکمت کے 125 مدنی پھول، ص۔ 41-42)

## ملفوظاتِ غوثِ اعظم تي مشتمل ڪتاب

سوال: ڇا هن دور ۾ بہ حضور غوثِ اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي ملفوظات جا ڪتاب ملندا آهن؟ جيڪڏهن ملن ٿا تہ انهن تي پروسو ڪري سگهجي ٿو.؟

جواب: پروسي نہ ڪرڻ جو سبب ڪهڙو آهي؟ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي ڪتاب "فُتُوحُ الغيب" گهڻي مشهور آهي. هن ڪتاب جو ڪيئي زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي ۽ شيخ عبدالحق مُحدث دهلوي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هن ڪتاب جي شرح بہ لکي آهي جيڪا اردو ترجمي

---

[1] (پاڻ) رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هميشہ کان حنبلي هئا ۽ بعد ۾ عين الشريعة الکبريٰ تائين پهچي منصبِ "اجتهادِ مطلق" حاصل ٿيو، مذهبِ حنبل کي ڪمزور ٿيندي ڏسي ان جي مطابق فتويٰ ڏني تہ حضور، محي الدين ۽ دينِ متين جا هي چارئي ستون آهن، ماڻهن جي طرفان جنهن ستون ۾ ڪمزوري ايندي ڏٺائي ان جي تقويت فرمائي. (فتاويٰ رضويہ، 26/ص 433)

سان ملندي آهي. ياد رهي! ترجمو ڪنهن عاشقِ غوثِ الاعظم جو ئي وٺڻ گهرجي.[1]

## معذور ڀار هلڻ لڳو(ڪرامت)

حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي ڪرامت ٻڌايو.[2]

جواب: : هڪ پيري ڪجھ اهڙا ماڻهو جن جي اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡهم جي متعلق سوچ سٺي نہ هئي ہہ ٽوڪرا کڻي اسان جي غوثِ اعظم حضرت سيّدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پڇيو: هنن ٻنهي ٽوڪرن ۾ ڇا آهي؟ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪرسي تان لهي هڪ ٽوڪري تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکيو ۽ فرمايو: هن ۾ بيمار ٻار آهي. پوءِ پنهنجي شهزادي حضرت سيّدنا شيخ عبدالرَّزاق رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ٽوڪرو کولڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن اهو ٽوڪرو کوليو ويو تہ ان مان واقعي هڪ بيمار ٻار نڪتو جيڪو معذور هو، پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان کي پڪڙي فرمايو: 'قُمۡ بِاِذۡنِ الله' يعني الله پاڪ جي حڪم سان اٿ" تہ اهو اٿي ڀڄي رهيو. پوءِ پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه ٻي ٽوڪري تي هٿ رکي فرمايو: هن ۾ صحتمند ٻار آهي. پوءِ هن ٽوڪري کي کولڻ جو حڪم ڏنو جيئن ئي ٽوڪرو کوليو

[1] ("فتوح الغيب" حضور غوثِ اعظم سيّدُنا عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه جي تصوف جي موضوع تي نهايت عمده تصنيف آهي، هن ڪتاب ۾ پاڻ رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪشف و مجاهدات سان حاصل ٿيندڙ دلچسپ نڪات بہ بيان فرمايا آهن. خَاتَمُ الۡمُحَدِّثين عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "مفتاح الفتوح شرح فتوح الغيب" جي نالي سان فارسي زبان ۾ ان جي شرح بہ لکي آهي.

[2] (هي سوال شعبہ فيضانِ مدني مذاڪره جي طرفان قائم ڪيو ويو آهي جڏهن تہ جواب اميراهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو عطا ڪيل ئي آهي. (فيضانِ مدني مذاڪرو)

ويو تہ ان مان واقعي هڪ صحتمند ٻار نڪتو ۽ اهو اٿي هلڻ لڳو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي اها ڪرامت ڏسي انهن ماڻهن پنهنجي بري سوچ کان توبہ ڪري ورتي. (بهجة الاسرار، ص. 124)

هن حڪايت مان خبر پئي: تہ ❖ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو وڏو شان آهي. ❖ الله ڪريم انهن کي اهڙي طاقت عطا فرمائي آهي جو اهي ٽوڪري کي کولڻ بنا اهو ٻڌائي سگهن ٿا تہ هن جي اندر ڇا آهي؟ ❖ اهي جڏهن چاهيندا آهن الله پاڪ جي عنايت سان بيمار ٻار کي چڱو ڀلو ڪري ڇڏيندا آهن. ❖ اهو شخص تمام برو آهي جيڪو الله پاڪ جي ولين سڳورن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي باري ۾ غلط سوچ رکي ٿو. الله پاڪ اسان کي اهڙي غلط سوچ کان بچائي. آمين!

## رحم دلي ڇا کي چئبو آهي؟

سُوال: رحم دلي ڇا کي چئبو آهي؟ پڻ ڇا هن جو ثواب ملندو آهي؟

جواب: رحم دِلي يا همدردي جو مطلب آهي ماڻهن تي ترس کائڻ يا انهن تي رحم ڪرڻ ۽ ظلم نہ ڪرڻ. جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ ڪنهن تي رحم ڪندو ان کي ثواب ملندو ۽ الله پاڪ ان تي رحم فرمائيندو.[1] جيڪڏهن واقعي اسان جي اندر پنهنجي مسلمان ڀائرن جي لاءِ رحم دلي پيدا ٿي وڃي تہ اسان جو معاشرو

[1] (حضرت سيّدنا عبدالله بن عمرو رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: رحم ڪرڻ وارن تي رحمٰن رحم فرمائيندو آهي، توهان زمين وارن تي رحم ڪيو آسمان جي بادشاهت جو مالڪ توهان تي رحم ڪندو. (ترمذي، ڪتاب البر والصلة، باب ماجاء في رحمة المسلمين، ج3 ص 371،حديث:1913)

بلڪل صاف سترو ۽ درست تي ويندو. اڄڪلهه هر گهر ۾ ظلم و ستم جو طوفان آهي، لڙائي جهڳڙا، هڪٻئي جي بيعزتي ڪرڻ، برو ڀلو چوڻ ۽ سٽائڻ عام ٿي چڪو آهي، هر ڳوٺ جڳهه بہ جڳهه نفسا نفسي جو عالم آهي ۽ ماڻهو هڪٻئي جون برايون ڪرڻ ۾ مشغول آهن. اهو ئي سبب آهي جو گهرن ۾ سڪون ناهي رهيو، پاڙي جو آوام ڦٽي ويو آهي، محلي وارن جو چين برباد ٿي ويو آهي ۽ شهر جو امن بہ باقي ناهي رهيو.

## زنده ماڪڙ کي شِيخَ ۾ لڳائي ڇُلهي تي پچائڻ ڪيئن؟

سُوال: ڪجهہ ماڻهو زنده ماڪڙ کي شِيخَ ۾ لڳائي ڇُلهي تي پچائيندا آهن، انهن جو ائين ڪرڻ ڪيئن آهي؟

جواب: هن منظر کي ڏسندي ئي انسان جو بدن ڪاندارجي وڃي پر خبر ناهي ماڻهن جي دل هن طرح ڪرڻ تي ڪيئن تي راضي ٿئي؟ اهڙا ماڻهو پاڻ کي سوئي تہ ٽوپي ڏسن انهن کان اِهو برداشت نہ ٿي سگهندو تہ پوءِ ويچاري ماڪڙ کي شِيخَ ۾ زنده لڳائڻ ڪيترو نہ گهڻو تڪليف ڏيندڙ هوندو! ماڪڙ حلال هجڻ جو اهو مطلب ناهي تہ ان کي تڪليف سان پچايو وڃي ڪوئي ٻيو طريقو بہ اختيار ڪري سگهجي ٿو مثلاً هن جي مرڻ جو انتظار ڪيو وڃي تہ آخر اها بہ مرندي ئي آهي يا ڪا ٻي صورت ڪڍي وڃي جو اها

مري وڃي ۽ پوءِ ان کي پچايو وڃي. ياد رهي! حديثِ پاڪ ۾ ماڪڙ کائڻ جي اجازت ڏني وئي آهي.[1]

## طالبِ علم کي ڪيئن هئڻ گهرجي

سوال: طالبِ علم کي ڪيئن هئڻ گهرجي؟

سوال: طالبِ علم کي گهرجي ته پنهنجي مقصد”رضاءِ الٰهي جي حصول“ کي هر وقت سامهون رکي، پنهنجو وقت برباد ڪرڻ کان بچي، اخلاق درست رکي، زبان اک ۽ دل جي حفاظت ڪري، سوال کان بچي يعني ماڻهن کان پيسا نه گهري باقي معلومات حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي اُستاد سان سوال ڪري سگهي ٿو، عاجزي ڪري يعني پنهنجو پاڻ کي ڪجهه نه سمجهي، مال جي لالچ کان گهڻو پري رهي يعني پيسن جي لالچ ۾ نه پوي، علم جو حريص هجي، مرشد، استادن ۽ والدين جو ادب ڪري، پنهنجي مدرسي جي نظام الاوقات جي پابندي ڪري، حقِ صحبت جو خيال رکي يعني جيڪو طالبِ علم ويجهو ويهندو هجي ان جي حقوق جو خيال رکي جو هو ان جو ويجهو پاڑيسري آهي ۽ ان جا حق آهن ۽ قيامت جي ڏينهن هن کان اهو سوال به ٿيندو ته پنهنجي پاڑيسري جو حق ادا ڪيو يا ضايع ڪيو؟ تنهنڪري ان جي لاءِ تڪليف ڏيندڙ نه بڻجي بلڪ ضرورت وقت ان جي مدد ڪري

---

[1] (رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان جي لاءِ ٻه مُئل جانور ۽ ٻه رت حلال آهن . ٻه مرده مڇي ۽ ماڪڙ آهن ۽ ٻه رت ڪليجي ۽ تلي آهن. (ابن ماجہ، ڪتاب الاطعمہ، باب الکبدو الطحال، جلد4 ص32، حديث:3314)

جيئن پڙهڻ پڙهائڻ ۾ هڪبئي جي مدد ڪئي ويندي آهي. تڪليفون اچڻ تہ صبر ڪري، عبادت جو شوق رکي يعني خوب عبادت ڪري، نيڪي جي دعوت بہ ڏيندو رهي. طالبِ علم جي لاءِ هي ڪجھ مدني گل آهن جن کي مون مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”ڪامياب طالبِ علم ڪير؟“[1] مان آسان ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] ”ڪامياب طالبِ علم ڪير“؟ هيءُ مڪتبة المدينہ جي 63 صفحن تي مشتمل هڪ بهترين ۽ جامع ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ انهن تمام امور کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي جن جو تعلق هڪ طالبِ علم سان ٿئي سگهي ٿو مثلاً حصولِ علم ۾ ڪهڙي نيت هئڻ گهرجي؟ اسباق جو مطالعو ڪهڙي طرح ڪرڻ گهرجي؟ سبق ڪهڙي طرح ياد ڪيو وڃي؟ پنهنجي استادن، جامعہ جي انتظاميہ ۽ والدين سان تعلقات جي نوعيت ڪهڙي طرح هئڻ گهرجي؟ عام طور سيني ۽ خاص طور طالبِ علمن جي لاءِ هن ڪتاب جو مطالعو ڪرڻ بيحد مفيد آهي. **(شعبہ فيضانِ اميراهلسنت)**

## اميراهلسنت جي رسالي ”قوم لوط جون تباه ڪاريون“ مان ڪجھ مدني گل

## ائين نہ ڪيو

دورانِ گفتگو هڪبئي جي هٿ تي تاڙي هڻڻ چڱي ڳالھ ناهي چوتہ تاڙي، سيٽي وڄائڻ صرف کيل تماشو ۽ ڪافرن جو طريقو آهي. (تفسيرِ نعيمي، ج9 ص 549)

## قوم لوط جا ڪم

حضرت سيّدنا لوط عَلَيْهِ السَّلَام جي قوم جا ماڻهو بدفعلي کان علاوه اهڙن ذليل فعلن ۽ حرڪتن جا عادي هئا جيڪي عقلي ۽ عُرفي بنهي طرح سان قبيح ۽ ممنوع هئا، جيئن گار ڏيڻ، فحش بڪڻ، تاڙي ۽ سيٽي وڄائڻ، هڪبئي کي پٿريون هڻڻ، واٽهڙن تي پٿر اڇلائڻ، شراب پيئڻ، مذاق اڏائڻ، گنديون ڳالهيون ڪرڻ ۽ هڪبئي کي ٿڪون هڻڻ وغيره. (صراط الجنان، جلد7 ص 367)

## سيٽي ۽ تاڙي

وَمَا كَانَ صَلَاتُهُمْ عِنْدَ الْبَيْتِ إِلَّا مُكَاءً وَّتَصْدِيَةً ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪعبي وٽ انهن جي نماز نہ آهي پر سيٽي ۽ تاڙي وڄائڻ.

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ قريش جا ڪافر اگهاڙا ٿي ڪعبة الله جو طواف ڪندا، سيٽيون ۽ تاڙيون وڄائيندا هئا ۽ انهن جو اِهو فعل يا تہ هن باطل عقيدي جي ڪري هو تہ سيٽي ۽ تاڙي وڄائڻ عبادت آهي يا هن شرارت جي ڪري هو تہ انهن جي هن شور سان حضور اڪرم

صَلَّى اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي نماز ۾ پريشاني ٿئي. (تفسيرِ ڪبير، الانفال، تحت الآية:35، جلد5 ص 481)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فهرست


دعاءِ عطار ........................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
سيٽي وڄائڻ جون مختلف صورتون ۽ ان جا احڪام ........................ 1
ڪبوتر اڏائڻ جي لاءِ سيٽي وڄائڻ ڪيئن؟ ........................ 3
ڇا درسِ نظامي ڪرڻ عالم هئڻ جي لاءِ شرط آهي؟ ........................ 4
ايمان جي حفاظت جو طريقو ........................................ 5
ڇا جنت ۾ عورتن کي ديدارِ الٰهي نصيب ٿيندو ........................ 8
شادي مرادي جي تقريب ۾ دير جو سبب ۽ ان جو حل ........................ 9
ڇا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مفتي به هئا ........................ 11
ملفوظاتِ غوثِ اعظم تي مشتمل ڪتاب ........................ 11
معذور ٻار هلڻ لڳو(ڪرامت) ........................................ 12
رحم دلي ڇا کي چئبو آهي؟ ........................................ 13
زنده ماڪڙ کي شِيخَ ۾ لڳائي چُلهي تي پچائڻ ڪيئن؟ ........................ 14
طالبِ علم کي ڪيئن هئڻ گهرجي ........................................ 15
اميراهلسنت جي رسالي ”قومِ لوط جون تباه ڪاريون“ مان ڪجھ مدني گل .... 17
ائين نه ڪيو ........................................ 17
قوم لوط جا ڪم ........................................ 17
سيٽي ۽ تاڙي ........................................ 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net